SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر LVI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.LVI OF 1984

ڪراچي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE UNIVERSITY OF KARACHI (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعه 36 جي ترميم

Amendment of section 36 of Sindh Act XXV of 1972

3. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعه 40 جي ترميم

Amendment of section 40 of Sindh Act XXV of 1972

4. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعه 52 جي ترميم

Amendment of section 52 of Sindh Act XXV of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر LVI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.LVI OF 1984

ڪراچي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE UNIVERSITY OF KARACHI (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ ڪجھ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پروويزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي پوليس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي

2. ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 36

دفعه 36 جي ترميم

Amendment of section 36 of Sindh Act XXV of 1972

۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو:

“بشرطيڪ جيستائين درخواست گذار کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو وڃي تيستائين اپيل جي سلسلي ۾ ڪو به حڪم جاري نه ڪيو ويندو.”

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعه 40 جي ترميم

Amendment of section 40 of Sindh Act XXV of 1972

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 40 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪرڻو پوندو:

“بشرطيڪ اپيل يا نظرثاني جي سلسلي ۾ اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار، جيئن معاملو هجي، انهن کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ ڪو حڪم جاري نه ڪيو ويندو.”

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعه 52 جي ترميم

Amendment of section 52 of Sindh Act XXV of 1972

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 52 ۾ لفظ “ڪيل” ۽ لفظ “هيٺان” وچ ۾ لفظ “نيڪ نيتي سان” شامل ڪيا ويندا.

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.